دِئْتِ	دِئْتِ	تَدَائِيْنَ	تُدَائِيْنَ	دَائِيْ	واحد	مؤنّث مخاطب
دِئْتُمَا	دِئْتُمَا	تَدَاءَانِ	تُدَاءَانِ	دَاءَا	تثنيه	مؤنّث مخاطب
دِئْتُنَّ	دِئْتُنَّ	تَدَأْنَ	تُدَأْنَ	دَأْنَ	جمع	مؤنّث مخاطب
دِئْتُ	دِئْتُ	أَدَاءُ	أُدَاءُ		واحد	متكلّم مشترك
دِئْنَا	دِئْنَا	نَدَاءُ	نُدَاءُ		تثنيه و جمع	متكلّم مشترك

خاصيات

خاصّيّات، خاصّيت (صاد جي تشديد سان) جي جمع آهي ۽ خاصيت اصل ۾ خاصِصِيّت هيو. پهرين "صاد" کي ٻئي ۾ ادغام ڪيائون تہ خاصيت ٿي پيو ۽ خاصيت، خصوصيت جي معنىٰ ۾ آهي يعني خاص ٿيڻ.

صرفين جي اصطلاح ۾ خاصہ مان مراد فعل جي اها واڌاري معنىٰ آهي جيڪا لغوي معنىٰ کان علاوه هجي.

جئين: خَرَجَ معنىٰ اهو نڪتو ۽ اَخْرَجَ معنىٰ ان ڪڍيو. اها "تعديہ" باب اِفْعَالٌ جي خاصيت آهي. انهيءَ زائد معنىٰ کي خاصو چئبو آهي.

ماخذ :

ماخذ مان مراد فعل جو اهو مادو آهي جنهن مان فعل ٺاهيو ويو آهي.

مدلول ماخذ :

مدلول ماخذ مان مراد اها معنىٰ آهي جنهن تي اهو ماخذ ڏس ڏئي.

(1) اِخْراجِ مأخذ: فاعل جو مفعول مان ماخذ ڪڍڻ. جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
تَمَخَّخَ خَالِدٌ الْعَظْمَ	خالد هڏي مان مک ڪڍيو	مُخٌّ	مغز، مک

(2) اِقْتِضَاب: اهڙي بنا جنهن جي ڪوئي اصل ۽ مثل موجود نہ هجي ۽ اها بنا حروف الحاق ۽ حروف زائد للمعنىٰ کان بہ خالي هجي. جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اِخْرَوَّطَ بِهِمُ السَّيْرُ	رفتار انهن کي ڇڪيو		

(3) اِلْزَام: ڪنهن فعل کي متعدي مان لازم بنائڻ. جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اَحْمَدَ زَيْدٌ	زيد حمد جي لائق ٿيو	حَمْدٌ	تعريف

(4) اِبْتِداء (الف): ڪنهن معنيٰ جي لاءِ اهڙي مزيد فيہ جو اچڻ جنهن جو مجرد اصلاً (بالڪل) نہ هجي. جيئن:

مثال	معنيٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
لَقَّبَ	لقب ڏيڻ		

اِبْتِداء (ب): ڪنهن معنيٰ جي لاءِ اهڙي مزيد فيہ جو اچڻ جنهن جو مجرد موجود هجي پر مجرد ۽ مزيد فيہ جي معنيٰ ۾ فرق لڏو وجي. جيئن:

مثال	معنيٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اَشْفَقَ	اهو ڊنو		

(5) اِعْطَاءِ مَأْخَذ: فاعل جو ڪنهن کي ماخذ ڏيڻ.هي بہ قسم آهي. (الف) اها ڏني وڃڻ واري شيءِ امرِ حسي هجي، ۽ وري ماخذ ڏيڻ جا بہ قسم آهن: (هڪ) نفس ماخذ ڏيڻ، جيئن:

مثال	معنيٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اَعْظَمْتُ الْكَلْبَ	مون ڪتي کي هڏي ڏني	عَظْمٌ	هڏي

(ٻہ) محل ماخذ ڏيڻ، جيئن:

مثال	معنيٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اَشْوَيْتُهُ	مون ان کي گوشت پچڻ جي لاءِ ڏنو		

اِعْطَاءِ مَأْخَذ: (ب) اها عقلي ۽ غير محسوس هجي، جيئن:

مثال	معنيٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اَقْطَعْتُهُ قُضْبَاناً	مون ان کي ڪٽڻ جي لاءِ ٽاريون ڏنيون (اجازت ڏني)		

(6) اِطعامِ مأخذ: ڪنهن کي ماخذ کا رائڻ. جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
خَبَزْتُهُم	مون انهن کي ماني کا رائي	خُبْزٌ	ماني

(7) اِلْباسِ مأخذ: ڪنهن کي ماخذ پا رائڻ. جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
جَلَّلْتُ الدَّابَّةَ	مون جانور کي جهُل پا رائي	جُلٌّ	جهل

(8) اِتِّخَاذ (الف): ماخذ کي اختيار ڪرڻ، پڪڙڻ يا وٺڻ. جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
تَحَرَّزَ مِنْهُ	هن ان کان پناه ورتي	حِرْزٌ	پناه گاه

اِتِّخَاذ (ب): ماخذ ۾ وٺڻ. جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
تَأَبَّطَ الْحَجَرَ	هن پٿر کي بغل ۾ کنيو	اِبْطٌ	بغل

اِتِّخَاذ (ج): ڪنهن شيءِ کي ماخذ بڻائڻ. جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
تَوَسَّدَ الْحَجَرَ	ان پٿر کي وهاڻو بڻايو	وِسَادَةٌ	وهاڻو

اِتِّخَاذ (د): ماخذ کي بڻائڻ. جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
تَخَبَّيْتُ كِسَائِي	مون پنهنجي چادر کي خيمو بڻايو		

(9) بُلُوْغ: ڪنهن شيءِ جو ماخذ ۾ پهچڻ يا داخل ٿيڻ، يا ڪنهن شيءِ جو ماخذ جي مرتبي کي پهچڻ، ان اعتبار ڪان بلوغ جون ٽي صورتون آهن: (هڪ) بلوغ زماني: جيئن

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اَصْبَحَ زَيْدٌ	زيد صبح جي وقت پهتو	صُبْحٌ	صبح

(ب) بلوغ مڪاني: جيئن

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اَعْرَقَ زَيْدٌ	زيد عراق پهتو	عِرَاقٌ	عراق شهر

(ٽي) بلوغ عددي: جيئن

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اَعْشَرَتِ الدَّرَاهِمُ	درهم ڏهن تائين پهچي ويا	عَشَرَةٌ	ڏه

(10) تَطْلِيَه: فاعل جو ڪنهن شيءِ تہ ماخذ مَلڻ، جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
تَغَمَّرَ بِلَالٌ زَيْدًا	بلالَ زيد جي جسم تي زعفران مليو	غُمْرٌ	زعفران

(11) تَعْرِيْض: فاعل جو مفعول کي ماخذ جي جاءِ تي يا جاءِ ڏانهن وٺي وڃڻ، جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اَبَاعَ بَكْرٌ بَقَرَةً	بڪر ڳئون کي بيع جي جاءِ (مَندي) تي وٺي ويو	بَيْعٌ	وڪڻڻ

(12) تَحْوِيْل: فاعل جو مفعول کي عين ماخذ يا مثل ماخذ بڻائي ڇڏڻ، جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
(عين مأخذ) نَصَّرَ زَيْدٌ بَكْرًا	زيد بڪر کي نصراني بڻائي ڇڏيو	نَصْرَانِيٌّ	نصراني ٿيڻ

(مثل مأخذ) خَيَّمَ زَيْدٌ الرِّدَآءَ	زيد چادر کي خيمي جي مثل بڻائي ڇڏيو	خَيْمَةٌ	خيمو

(13) تَعْدِيَه: تعديہ جون ٽي صورتون آهن: (هڪ) لازم باب کي متعدي بڻائڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
خَرَجَ مان اَخْرَجَ	هن ڪڍيو	خُرُوْجٌ	نڪرڻ

(ٻہ) هڪ مفعول واري متعدي کي ٻہ مفعول وارو متعدي ڪرڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
حَفَرَ مان اَحْفَرْتُ زَيْدًا بِئْرًا	مون زيد کان کوه کوٽايو	حَفْرٌ	کڏ کوٽڻ

(ٽي) ٻہ مفعول واري متعدي کي ٽي مفعول وارو متعدي ڪرڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
عَلِمَ مان اَعْلَمْتُ زَيْدًا بَكْرًا فَاضِلًا	مون زيد کي بڪر جي فاضل هجڻ جي خبر ڏني	عِلْمٌ	ڄاڻڻ

(14) تَصْيِيْر: فاعل جو مفعول کي صاحبِ ماخذ بڻائڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
عَافَاكَ اللهُ	الله توکي عافيت ڏي	عَافِيَةٌ	عافيت

(15) تَجَنُّب: فاعل جو ماخذ کان بچڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
تَحَوَّبَ زَيْدٌ	زيد گناه کان بچي ويو	حُوْبٌ	گناه

(16) تَكَلُّف: فاعل جو ماخذ ۾ موجود صفت کي پنهنجي اندر بتڪلف ظاهر ڪرڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
تَشَجَّعَ زَيْدٌ	زيد بتڪلف بهادر بڻيو يا ان بهادري ظاهر ڪئي	شُجَاعَةٌ	بهادري

(17) تَشَارُڪ: ٻن ماڻهن جو پاڻ ۾ ملي ڪنهن ڪم کي پاڻ ۾ اهڙي طرح انجام ڏيڻ جو انهن مان هر هڪ فاعل به هجي ۽ مفعول به، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
تَقَاتَلَ زَيْدٌ و عَمْرٌو	زيد ۽ عمر پاڻ ۾ وڙهيا	قَتْلٌ	مارڻ،وڙهڻ

(18) تَخْيِيْل: ناپسنديدگي جي باوجود فاعل جو پنهنجي اندر ماخذ جو حصول ظاهر ڪرڻ، جو حقيقت ۾ حاصل نہ هجي،جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
تَبَاکَي زَيْدٌ	زيد ڪوڙيءَ ۾ رنو	بُكَاءٌ	روئڻ

(19) تَصَرُّف:فاعل جو ماخذ ۾ ڪوشش ۽ جدوجهد ڪرڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اِکْتَسَبَ يُوْسُفُ	يوسف ڪمائي ۾ محنت ۽ ڪوشش ڪئي	كَسْبٌ	ڪمائي

(20) تَخْيِيْر:فاعل جو پنهنجي لاءِ ماخذ کي اختيار ڪرڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اِطَّبَخَ تِلْمِيْذٌ	شاگرد پنهنجي لاءِ پچايو	طَبْخٌ	پچائڻ

(21) تَدۡرِيۡج: فاعل جو ڪنهن ڪم کي آهستي آهستي ڪرڻ، جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
ضَمَسَ زَيۡدٌ	زيد آهستي آهستي چٻا ڙيو	ضَمۡسٌ	پچائڻ

(22) تَخۡلِيۡط: فاعل جو مفعول کي ماخذ سان لنبڻ، جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
سَيَّعَ زَيۡدٌ الۡحَائِطَ	زيد ڀت کي گاري سان لنبيو	سِيَاعٌ	گارو

(23) تَأَذِّي: فاعل جو ماخذ کان تڪليف کڻڻ، جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
غَرَفَ الۡاِبِلُ	اٺ غرف (ڪنڊن وارو ٻوٽو) کائڻ سان تڪليف کڻي	غَرۡفٌ	ڪانڊيرو

(24) تَعَمُّل: فاعل جو ماخذ کي ڪم ۾ آڻڻ، جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
رَسَنَ الدَّابَةَ	ان جانور جي مٿي تي لگام ٻڌو	رَسَنٌ	لگام

(25) تَأَلُّمِ مأۡخَذ: ماخذ جو محلِ تڪليف ٻڻجڻ، جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
ظَهِرَتۡ	مان پٺيءَ ۾ سور وارو ٿيس	ظَهۡرٌ	پٺي

(26) تَرۡكِ مَأۡخَذ: فاعل جو ماخذ کي ترڪ ڪري ڇڏڻ، جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
عَرِفَ زَيۡدٌ	زيد خوشبو ڇڏي ڏني	عَرۡفٌ	خوشبو

(27) تَحَوُّل: فاعل جو عين ماخذ يا مثل ماخذ ٿي پوڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
لَيَّثَ نَعِيْمٌ	نعيم دليري ۾ شينهن وانگر ٿي ويو	لَيْثٌ	شينهن
جَنُبَتِ الرِّيْحُ	هوا ڏکڻ واري ٿي پئي	جَنُوْبٌ	ڏکڻ واري هوا

(28) تَحَيُّر: فاعل جو ماخذ کان حيران ٿيڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
غَزِلَ الْكَلْبُ	ڪتو هرڻ کي ڏسي حيران ٿي ويو	غَزَالٌ	هرڻ

(29) تَعَجُّب: مجهول السبب شيءِ جو سبب ڄاڻڻ سان فاعل جي دل ۾ جيڪا ڪيفيت پيدا ٿيندي آهي ان کي تعجب چوندا آهن ۽ هيءَ خاصيت باب شَرُفَ يَشْرُفُ ۾ لڌي ويندي آهي، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
طَمُعَ الرَّجُلُ	مرد ڪيترو لالچي ٿيو	طَمْعٌ	لالچ

(30) حَيْنُوْنَت: فاعل جو ماخذ جي وقت کي پهچڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اَحْصَدَ الزَّرْعُ	پوک لڻڻ تي اچي وئي	حِصَادٌ	پوک لڻڻ

(31) حِسْبَان: فاعل جو مفعول کي ماخذ سان موصوف گمان ڪرڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اِسْتَعْظَمْتُهٗ	مون ان کي وڏو سمجهيو	عَظَمَةٌ	وڏائي

(32) دَفْعِ مَاْخَذ: فاعل جو ماخذ کي پري ڪري ڇڏڻ، جيئن:

مثال	معنيٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
بَزَقَ زَيۡدٌ	زيد ٿُڪ اڇلائي	بُزَاقٌ	ٿڪ

(33) سَلْبِ مَاْخَذ: فاعل جو ماخذ کي پري ڪري ڇڏڻ، جيئن:

مثال	معنيٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
مَخَّطَ زَيۡدٌ	زيد سنگهه ڪڍي	مُخَاطٌ	سِنگهه، گوبو، لِڙ

(34) صَيۡرُوۡرَت: فاعل جو صاحب ماخذ ٿيڻ، جيئن:

مثال	معنيٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
رَوَّضَ الۡمَكَانُ	گهر جنت بڻجي ويو	رَوۡضٌ	باغ

(35) ضَرۡبِ مَاْخَذ: فاعل جو مفعول کي ماخذ هڻڻ، جيئن:

مثال	معنيٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
عَصَي الۡاُسۡتَاذُ التِّلۡمِيۡذَ	استاد شاگرد کي لٺ هنئي	اَلۡعَصَآءُ	لٺ

(36) طَلَبِ مَاْخَذ: فاعل جو ماخذ کي طلب ڪرڻ، جيئن:

مثال	معنيٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
تَرَبَّحَ عِيۡسىٰ	عيسيٰ نفعي جي گهر ڪئي	رِبۡحٌ	نفعو

(37) عَيۡب: باب اِفۡعِلَالٌ ۽ اِفۡعِيۡلَالٌ جي فعلن ۾ عيب جي معنيٰ جو هجڻ، جيئن:

مثال	معنيٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اِحۡوَلَّ زَيۡدٌ و اِحۡوَالَّ زَيۡدٌ	زيد ٽيڏو ٿيو	اِحۡوِلَالٌ	ٽيڏو ٿيڻ

(38) قَصۡر: اختصار جي خاطر ڪنهن مرڪب مان هڪ ڪلمو مشتق ڪرڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
هَلَّلَ زَيۡدٌ	زيد لَااِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ پڙهيو		

(39) قَطۡعِ مَاۡخَذ: فاعل جو ماخذ کي ڪٽڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
عَذَّقَ الۡغُلَامُ	ڇوڪري ٽاري ڪٽي	عِذۡقٌ	شاخ

(40) كَثۡرَتِ مَاۡخَذ: ڪنهن جاءِ تي ماخذ جو وڏيڪ تعداد يا مقدار ۾ لڌو وڃڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
وَسَبَ الۡاَرۡضُ	زمين گهڻي گاه واري بڻجي وئي	وِسۡبٌ	گاه

(41) لَوۡن: باب اِفۡعِلَالٌ ۽ اِفۡعِيۡلَالٌ جي فعلن ۾ رنگ جي معنيٰ جو هجڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اِحۡمَرَّتۡ و اِحۡمَارَّتۡ هِنۡدٌ	هنده ڳاڙهي رنگ واري ٿي	اِحۡمِرَارٌ	ڳاڙهي رنگ وارو ٿيڻ

(42) لُزُوۡم: باب اِفۡعِلَالٌ ۽ اِفۡعِيۡلَالٌ جو فعل لازم جي طور تي استعمال ٿيڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اِحۡمَرَّ و اِحۡمَارَّ الثَّوۡبُ	ڪپڙو ڳاڙهو ٿيو	اِحۡمِرَارٌ	ڳاڙهي رنگ وارو ٿيڻ

(43) لِيَاقَت: فاعل جو ماخذ جي لائق هجڻ، جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اِسۡتَرۡقَعَ الثَّوۡبُ	ڪپڙو چتي جي قابل ٿيو	رُقۡعَةٌ	چتي

(44) لُبۡسِ مَأۡخَذ: فاعل جو ماخذ کي پائڻ، جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
تَخَتَّمَ زَيۡدٌ	زيد مُندي پاتي	خَاتَمٌ	مُندي

(45) مُبَالَغَه: فعل ماخذ ۾ مبالغہ يعني معنىٰ جي گهڻائي هجڻ، جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اِسۡوَدَّ الَّيۡلُ	رات تمام اونداهي ٿي وئي	اِسۡوِيۡدَادٌ	خوب ڪارو ٿيڻ

(46) مُطَاوَعَت: ڪنهن فعل کان پوءِ ٻئي باب مان فعل جو ان غرض سان آڻڻ ته اهو ظاهر ٿئي تہ پهرئين فعل جي فاعل پنهنجي مفعول تي جيڪو اثر ڪيو هو مفعول ان اثر کي قبول ڪري ڇڏيو آهي، جيئن باب مفاعلة کان پوءِ باب تفعل جو آڻڻ:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
بَاعَدَ بَكۡرٌ وَلِيۡدًا فَتَبَعَّدَ	بڪر وليد کي پري ڪيو تہ اهو پري ٿي ويو		

(47) مُشَارَكَت: ڪنهن ڪم ۾ ٻن شين جو اهڙي طرح شريڪ ٿيڻ جو انهن مان هرهڪ فاعل بہ هجي ۽ مفعول بہ، جيئن:

مثال	معنىٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
قَاتَلَ خَالِدٌ نَعِيۡمًا	خالد ۽ نعيم پاڻ ۾ وڙهيا	مُقَاتَلَةٌ	پاڻ ۾ وڙهڻ

(48) مُوَافَقَت: هتي هڪ باب جو ٻئي باب جي هم معنيٰ ٿيڻ مراد آهي، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
مَتَنَ زَيۡدٌ عَمۡرَوًا	زيد عمر کي پٺيءَ تي ماريو		

(49) مُغَالَبَه: هن مان مراد ٻن امرن مان ڪنهن هڪ جو ٻئي تي مصدري معنيٰ ۾ غالب اچي وڃڻ آهي، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
كَارَمَنِيۡ زَيۡدٌ فَكَرَمۡتُهٗ	منهنجو ۽ زيد جو سخاوت ڪرڻ ۾ مقابلو ٿيو پوءِ مان غالب آيس		

(50) نِسۡبَتِ مَأۡخَذ: فاعل جو مفعول جي طرف ماخذ جي نسبت ڪرڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
خَوَّنَ خَالِدٌ عَادِلًا	خالد عادل جي طرف خيانت جي نسبت ڪئي	خِيَانَه	خيانت ڪرڻ

(51) وِجۡدَان: فاعل جو مفعول جي اندر صفت ماخذ لهڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
اِسۡتَكۡرَمۡتُ بَكۡرًا	مون بڪر کي بزرگي وارو لڌو	كَرَمٌ	بزرگي

(52) وُقُوۡع: فاعل جو ماخذ ۾ ڪرڻ، جيئن:

مثال	معنیٰ	مأخذ	مدلول مأخذ
طَرَّفَ التِّبۡنُ	ککُ اک ۾ پيو	طَرۡفٌ	اک

بابن جون خاصیتون

باب فَعَلَ يَفْعِلُ (ضَرَبَ يَضْرِبُ) جون خاصیتون

(1) تعمل (2) موافقت (3) اتخاذ (4) تدریج (5) کثرتِ مأخذ (6) اطعامِ مأخذ (7) الباسِ مأخذ (8) قطعِ مأخذ (9) سلبِ مأخذ (10) اعطاءِ مأخذ (11) ضربِ مأخذ (12) بلوغ (13) تطلیه (14) مطاوعت (15) تأذي (16) قصر (17) تخلیط.

باب فَعَلَ يَفْعُلُ (نَصَرَ يَنْصُرُ) جون خاصیتون

(1) تعمل (2) موافقت (3) اتخاذ (4) تدریج (5) کثرتِ مأخذ (6) اطعامِ مأخذ (7) الباسِ مأخذ (8) قطعِ مأخذ (9) سلبِ مأخذ (10) اعطاءِ مأخذ (11) ضربِ مأخذ (12) بلوغ (13) تطلیه (14) مطاوعت (15) صیرورت (16) طلبِ مأخذ (17) دفعِ مأخذ.

باب فَعَلَ يَفْعَلُ (فَتَحَ يَفْتَحُ) جون خاصیتون

(1) تعمل (2) موافقت (3) اتخاذ (4) تدریج (5) کثرتِ مأخذ (6) اطعامِ مأخذ (7) الباسِ مأخذ (8) قطعِ مأخذ (9) سلبِ مأخذ (10) اعطاءِ مأخذ (11) ضربِ مأخذ (12) صیرورت.

باب فَعِلَ يَفْعَلُ (سَمِعَ يَسْمَعُ) جون خاصیتون

(1) تعمل (2)موافقت (3)اتخاذ (4)تدریج (5)کثرتِ مأخذ (6) صیرورت (7)مطاوعت (8)تطلیه (9)سلبِ مأخذ (10)تألمِ مأخذ (11)ترکِ مأخذ (12)تحول (13)تأذي (14)تحیر (15)وجدان (16) وقوع

باب فَعُلَ يَفْعُلُ (شَرُفَ يَشْرُفُ) جون خاصيتون

(1)تعمل (2)موافقت (3)کثرتِ مأخذ (4)بلوغ (5)صيرورت

(6)تألم مأخذ (7)تحول (8)تعجب (9)لزوم

هي باب هميشه لازم ايندو آهي.

باب اِفْعَالٌ جون خاصيتون

(1)تعمل (2)موافقت (3)اتخاذ (4)تدريج (5)کثرتِ مأخذ (6)بلوغ (7)ابتداء

(8)سلبِ مأخذ (9)قطعِ مأخذ (10)اعطاءِ مأخذ (11)صيرورت (12)تحول

(13)مبالغه (14)تعديه (15)مطاوعت (16)کثرتِ مأخذ (17)الزام (18)وجدان

(19)تعريض (20)لياقت (21)حينونت (22)تألم مأخذ (23)ضربِ مأخذ

باب تَفْعِيْلٌ جون خاصيتون

(1)تعمل (2)موافقت (3)اتخاذ (4)تدريج (5)نسبت مأخذ (6)بلوغ (7)ابتداء

(8)سلبِ مأخذ (9) قطعِ مأخذ (10)اعطاءِ مأخذ (11)صيرورت (12)تحول

(13)مبالغه (14)تعديه (15)تصيير (16)تحويل (17)قصر (18)تخليط (19)وقوع

(20)اطعامِ مأخذ (21)الباسِ مأخذ (22)اخراج مأخذ

باب مُفَاعَلَةٌ جون خاصيتون

(1)تعمل (2)موافقت (3) ابتداء (4)اتخاذ (5)بلوغ (6)تصيير (7)مشارکت

باب تَفَعُلٌ جون خاصيتون

(1)تعمل (2) موافقت (3) ابتداء (4) اتخاذ (5) سلبِ مأخذ (6) تدريج (7) صيرورت

(8) تحول (9) مطاوعت (10) طلبِ مأخذ (11) لبس مأخذ (12) اخراج مأُخذ

(13) تجنب (14) تكلف (15) تحويل (16) حسبان (17) تطليه

باب تَفَاعُلٌ جون خاصيتون

(1) تعمل (2) موافقت (3) ابتداء (4) مطاوعت (5) تشارك (6) تخييل

باب اِفْتِعَالٌ جون خاصيتون

(1) موافقت (2) مطاوعت (3) اتخاذ (4) ابتداء (5) تدريج (6) تعديه

(7) تخيير (8) تحويل (9) تطليه (10) تصرف (11)حسبان (12) سلبِ مأخذ

(13) طلبِ مأخذ (14) اخراج مأُخذ (15) لبس مأخذ

باب اِسْتِفْعَالٌ جون خاصيتون

(1)موافقت (2) مطاوعت (3) اتخاذ (4) ابتداء (5) طلبِ مأخذ (6) تعمل

(7) تحول (8)قصر (9) حسبان (10) وجدان (11) لياقت (12)صيرورت

باب اِنْفِعَالٌ جون خاصيتون

(1) موافقت (2) مطاوعت (3) ابتداء (4) لزوم (5) بلوغ مكاني (6) يطاوع افعل

باب اِفْعِلَالٌ ۽ اِفْعِيْلَالٌ جون خاصيتون

(1) موافقت (2) لزوم (3) مبالغه (4) لون (5)عيب

باب اِفْعِيْعَالٌ جون خاصيتون

(1) موافقت (2) لزوم (3) مبالغه (4) بلوغ (5) مطاوعت (6) تدريج

باب اِفْعِوَّالٌ جون خاصيتون

(1) مبالغه (2) مقتضب

ابواب رباعي مجرد جون خاصيتون

(1) موافقت (2) مطاوعت (3) تدريج (4) تعمل (5) قطع مأخذ (6) اعطاءِ مأخذ
(7) اطعام مأخذ (8) لبس مأخذ (9) صيرورت (10) تطليه (11) مبالغه
(12) قصر (13) تحويل (14) تخليط (15) اخراج مأخذ (16) الباس مأخذ

باب تَفَعْلُلٌ جون خاصيتون

(1) موافقت (2) مطاوعت (3) تدريج (4) لبس مأخذ (5) بلوغ (6) اقتضاب

باب اِفْعِلَّالٌ جون خاصيتون

(1) موافقت (2) مطاوعت (3) لزوم (4) مبالغه (5) صيرورت

باب اِفْعِنْلَالٌ جون خاصيتون

(1) موافقت (2) مطاوعت

ابواب ملحق فَعْلَلَةٌ جون خاصيتون

باب فَعْلَلَةٌ= الباس مأخذ

باب فَعْنَلَةٌ= الباس مأخذ

باب فَعْوَلَةٌ=الباس مأخذ

باب فَوْعَلَةٌ = (1)الباس مأخذ (2) قصر

باب فَعْيَلَةٌ = قطع مأخذ

باب فَيْعَلَةٌ = (1)الباس مأخذ (2) قصر (3) موافقت

باب فَعْلَاه=الباس مأخذ

ابواب ملحق تَفَعْلَلَةٌ جون خاصيتون

باب تَفَعْلُلٌ=لبس مأخذ

باب تَفَعْنُلٌ=لبس مأخذ

باب تَفَوْعُلٌ=لبس مأخذ

باب تَفَعْوُلٌ=لبس مأخذ

باب تَفَيْعُلٌ=لبس مأخذ

باب تَفَعُلِ=لبس مأخذ

ختم ٿيون خاصيتون بابن جون

مشڪل صيغن جو بيان

(1) فَتَّقُوْنِ (فَاتَّقُوْنِ) :

هي صيغو اصل ۾ اِتَّقُوْا جمع مذڪر امر حاضر معلوم باب اِفْتِعَالٌ لفيف مفروق جو آهي. ان جي شروع ۾ (فا) اچڻ جي ڪري همزو وصلي ڪري پيو يعني پڙهڻ ۾ نہ ٿو اچي.آخر ۾ (يا متڪلم) هئي جنهن کي ڪيرايو ويو. فعل ۽ يا متڪلم جي وچ ۾ نون وقايہ آهي جيئن فعل جي آخر کي ڪسري کان بچايو وڃي. مطلب فَاتَّقُوْنِي هيو، نون وقايہ جو ڪسرو محذوف ٿيل يا تي ڏس ڏئي ٿو. اِتَّقُوْا کي تَتَّقُوْنَ مان ٺاهيو ويو آهي. جنهن جو طريقو معلوم آهي. تَتَّقُوْنَ اصل ۾ تَتَّقِيُوْنَ هيو،(قاف) کي ساڪن ڪري (يا) جو ڪسرو انکي ڏئي ۽ (يا) کي التقآءِ ساڪنين جي ڪري ڪيرايو ويو.

(2) فَرْهَبُوْنِ (فَارْهَبُوْنِ) :

هي صيغو بہ اصل ۾ جمع مذڪر امر حاضر معلوم جو آهي. البتہ هي باب فَتَحَ يَفْتَحُ مان آهي. ان جي شروع ۾ بہ (فا) آهي ۽ آخر ۾ نون وقايہ آهي. جنهن کان پوءِ(يا متڪلم) هئي جنهن کي ڪيرايو ويو.

فائدو: جنهن افعال جي آخر ۾ نون وقايہ ۽ يا متڪلم هجن، انهي يا کي ڪيرائڻ کانپوءِ ڪڏهن وقف ۽ جزم جي صورت هوندي آهي پوءِ طالب پريشان ٿي ويندو آهي تہ حالت وقف ۽ جزم جي باوجود نون اعرابي ڪئين اچي ويو آهي.حالانڪہ اهو نون وقايہ جو آهي. ساڳيءَ طرح جڏهن همزو وصلي ڪرندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن صيغي جو سمجهڻ مشڪل ٿي ويندو آهي.

(3) فَدَّارَأْتُمْ (فَادَّارَأْتُمْ) :

صيغو جمع مذڪر مخاطب ماضي معلوم مهموزاللام باب اِفَّاعُلٌ مان اِدَّارَأْتُمْ هيو شروع ۾ فا جي اچڻ جي ڪري همزو وصلي ڪري پيو آهي.

(4) لَنَفَضُّوۡا (لَا اِنۡفَضُّوۡا) :

صيغو جمع مذڪر غائب فعل ماضي معلوم مضاعف ثلاثي باب اِنۡفِعَالٌ شروع ۾ لام تاڪيد جي اچڻ جي ڪري همزو وصلي ڪري پيو آهي.

(5) اَسۡتَغۡفَرۡتَ (اَاِسۡتَغۡفَرۡتَ) :

صيغو واحد مذڪر حاضر ماضي معلوم صحيح از باب اِسۡتِفۡعَالٌ شروع ۾ همزو استفهام جي اچڻ جي ڪري همزو وصلي ڪري پيو آهي.

(6)تَظَاهَرُونَ (تَتَظَاهَرُونَ) :

صيغو جمع مذڪر حاضر فعل مضارع معلوم صحيح از باب تَفَاعُلٌ. هڪ تا ڪيري وئي ڇاڪاڻ ته بن تائن جي جمع ٿيڻ وقت هڪ تا کي ڪيري ڇڏيندا آهن.

(7) لِتُڪۡمِلُوۡا :

صيغو جمع مذڪر حاضر فعل مضارع معلوم صحيح از باب اِفۡعَالٌ شروع ۾ لام ڪي ڪانپوءِ اَنۡ مقدر آهي. جنهن جي ڪري آخر مان نون اعرابي ڪري پيو. هي صيغو انڪري مشڪل لڳندو آهي جو طالب علم سمجهندو آهي ته ته شايد هي لام امر جو آهي. ياد رکڻ گهرجي ته لام امر جو امر حاضر معلوم جي صيغن تي نه ايندو آهي ۽ هتي هي لام ڪي آهي.

(8)وَلۡتَأۡتِ (لِتَأۡتِ):

صيغو واحد مُؤَنَّث امر غائب معلوم ناقص يائي از باب ضَرَبَ يَضۡرِبُ. شروع ۾ واو اچڻ جي ڪري لام امر جو ساڪن ٿي ويو آهي. وَلۡتَأۡتِ اصل ۾ تَأۡتِيۡ فعل مضارع مان ناهيائون، شروع ۾ لام امر لڳائڻ جي ڪري آخر مان يا ڪري پئي آهي.

فائدو: واو ڪانپوءِ لام امر جي کي ڪيرائڻ (ساڪن ڪرڻ) واجب آهي ۽ فا ڪانپوءِ جائز آهي. جتي فعل جو وزن هجي چاهي اصلي هجي يا عارضي اتي اهل عرب وچين

اکر کي ساڪن ڪندا آهن. جيئن ڪَتِفٌ مان ڪَتْفٌ. جيئن ته امر ۾ لام کانپوءِ حرف متحرڪ هوندو آهي تنهنڪري (واو) يا (فا) جي داخل ٿيڻ جي صورت ۾ فعل جو وزن پيدا ٿي ويندو آهي ان جي لاءِ (لام) کي ساڪن ڪري ڇڏيندا آهن ۽ (واو) جي صورت ۾ (لام) کي ڪيرائڻ ان جي ڪري واجب هوندو آهي جو انجو استعمال زياده هوندو آهي.

(9) وَيَتَّقْهِ :

صيغو واحد مذڪر غائب فعل مضارع معلوم لفيف مفروق باب اِفْتِعَالٌ. اصل ۾ يَتَّقِيْ هيو، قرآن ڪريم جي آيت وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَخْشَ اللّٰهَ وَيَتَّقْهِ (الآية) هتي مَنْ جي ڪري آخر ۾ جزم آئي آهي، لام ڪلمي ۾ عين ساڪن ٿي ويو ۽ ان کان پهريان جيڪا (يا) هئي، جو اصل (يُطِيْعُ) هيو. اجتماع ساڪنين جي ڪري يا ڪري پئي ۽ يَخْشي مان الف ۽ يَتَّقِيْ مان يا ڪري پئي. يَتَّقِهِ ۾ يا ڪرڻ کانپوءِ ضمير مفعول جي ڪري فَعِلٌ جي صورت پيدا ٿي وئي مثال تَقِهٌ لهٰذا قاف کي ساڪن ڪيو ويو ته يَتّقْهِ ٿي پيو.

(10) اَرْجِهْ :

اَرْجِ صيغو واحد مذڪر غائب امر حاضر معلوم ناقص باب اِفْعَالٌ. مفعول واحد مذڪر غائب جي ضمير اچڻ جي ڪري اَرْجِهْ ٿي ويو. قرآن پاڪ ۾ انکانپوءِ وَاَخَاهُ جو لفظ آيو آهي. لِهٰذا ''جِهِ وَ'' (فِعِلٌ) جي صورت پيدا ٿي وئي. جيئن (اِبِلٌ). اهل عرب جو قاعدو آهي ته انهيءَ وزن ۾ وچ واري اکر کي به ساڪن ڪندا آهن تنهنڪري "ها" کي ساڪن ڪيو ته اَرْجِهْ وَاَخَاهُ ٿي ويو.

(11) عَصَوٌّ (عَصَوْاوَ) :

عَصَوْا صيغو جمع مذڪر غائب فعل ماضي معلوم ناقص واوي باب نَصَرَ يَنْصُرُ

جئين (رَمَوْا) انڪانپوءِ واو عطف اچي ويو. قرآن پاڪ ۾ بِمَا عَصَوْا وَّ كَانُوْا يَعْتَدُوْنَ آيو آهي. قائدو هي آهي ته (واو غير مدّه) جو (واو عطف) ۾ ادغام ڪندا آهن ان جي لاءِ عَصَوْا وَّ كَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ٿي پيو.

(12) اَنَّمُنَّ (اَنْ نَمُنَّ) :

نَمُنَّ صيغو جمع متڪلم مع الغير مشترڪ مضارع معلوم باب نَصَرَ يَنْصُرُ. اَنْ ناصبه مصدريه جي ڪري منصوب آهي. (نَمُدُّ) وانگر، اَنْ جي نون جو متڪلم جي نون ۾ ادغام ٿي ويو آهي.

(13) لُمْتُنَّنِيْ :

لُمْتُنَّ صيغو جمع مُؤَنَّث حاضر فعل ماضي معلوم اجوف واوي باب نَصَرَ يَنْصُرُ (قُلْتُنَّ) وانگر، ان جي آخر ۾ يا متڪلم ۽ نون وقايه اچڻ جي ڪري لُمْتُنَّنِيْ ٿي پيو.

(14) اِمَّاتَرَيِنَّ :

صيغو واحد مُؤَنَّث حاضر مضارع معلوم با نون ثقيله مهموزالعين و ناقص از باب فَتَحَ يَفْتَحُ جو اصل ۾ تَرَيْنَ هيو. نون ثقيله جي ڪري نون اعرابي ڪري پيو. يا غير مده نون ثقيله سان گڏجي ته اجتماءِ ساڪنين ٿي پيو، يا کي ڪسرو ڏنو ته تَرَيِنَّ ٿي پيو ۽ تَرَيْنَ اصل ۾ تَرْئَيِيْنَ هيو. همزو يَسَلُ جي قانون سان ڪري پيو ۽ روئيت جي افعال مان حذف ڪرڻ واجب آهي ۽ يا تَرَيِيْنَ واري قانون سان حذف ٿي وئي. نون تاڪيد جهڙيءَ طرح مضارع ۾ لام تاڪيد کانپوءِ ايندو آهي. اهڙيءَ طرح اِمَّا شرطيه کانپوءِ ايندو آهي.

(15) اَلَمْ تَرَ :

صيغو واحد مذڪر حاضر نفي جحد بلم ۽ فعل مستقبل معلوم مهموزالعين و

ناقص يائي باب فَتَحَ يَفْتَحُ هن جي تعليل اوهان پڙهي چڪا آهيو، شروع ۾ همزو استفهام جو آهي.

(16) قَالِيْنَ :

صيغو جمع مذڪر اسم فاعل ناقص باب ضَرَبَ يَضْرِبُ (دشمن رکڻ وارا) راعين واري قانون سان تعليل ٿي. قرآن پاڪ ۾ آهي " اِنِّيْ لِعَمَلِكُمْ مِّنَ الْقَالِيْنَ" قرآن پاڪ ۾ ته اهو اسم فاعل ئي استعمال ٿيو آهي ڇو جو انهيءَ تي الف لام داخل ٿيو آهي پر قَالِيْنَ ۾ هڪ احتمال هي به آهي ته هي باب مُفَاعَلَةٌ مان امر حاضر مُؤَنَّث جو صيغو آهي. قَالٰى يُقَالِيْ امر قَالِ، قَالِيَا، قَالُوْا، قَالِيْ، قَالِيَا، قَالِيْنَ. ان جي معني دشمني رکڻ آهي. هي به ٿي سگهي ٿو ته هي هن باب مان واحد مُؤَنَّث امر حاضر معلوم يعني قَالِيْنِيْ، آخر ۾ نون وقايه ۽ يامتڪلم هجي. وقف جي حالت ۾ ياءِ متڪلم جي ڪرڻ ۽ نون وقايه جي ساڪن ٿيڻ جي ڪري قَالِيْنَ پڙهيو ويندو.

فائدو: هن قسم جي صيغن ۾ انهيءَ جي ڪري شڪ ٿيندو آهي ته هي ڪنهن ٻي زبان ۾ ڪنهن شين جو نالو ٿي سگهن ٿا. جيئن: قَالِيْن هڪ فرش جي وڇاڻي جو نالو آهي.

اهڙيءَ طرح آسْمَانْ، آسمان جو نالو آهي. پر عربيءَ زبان ۾ اَفْعَلَانِ صيغو تثنيه مذڪر اسم تفضيل جي آخر کي وقف جي ڪري ساڪن ڪيو وڃي ته هي وزن نهي ٿو ۽ وري هي باب اِفْعَالٌ مان ماضي معلوم جو صيغو تثنيه مذڪر غائب به ٿي سگهي ٿو ته آخر ۾ نون وقايه ۽ يائي متڪلم هجي(اَفْعَلَانِيْ) يائي متڪلم حذف ٿي ۽ وقف جي ڪري نون جو ڪسرو ڪري پيو ته اَفْعَلَانْ (آسمان) ٿي پيو.

(17) اَشُدَّه :

بَلَغَ اَشُدَّه ۾ هي صيغو شِدَّةٌ يعني قوت جيئن اَنْعُمٌ، نِعْمَتٌ جي جمع آهي. تفسير

بيضاوي ۾ اهڙيءَ طرح آهي. قاموس لغت جي هڪ ڪتاب ۾ انکي اَشَدُّ جي جمع به لکيو ويو آهي. انجي معنيٰ به قوت آهي.

(18) لَمْ يَكُ :

اصل ۾ لَمْ يَكُنْ هيو. هن قاعدي جي تحت فعل ناقص تي جوازم داخل ٿيڻ جي ڪري نون کي ڪيرائڻ جائز آهي. قرآن پاڪ ۾ لَمْ اَكُ، لَمْ نَكُ ۽ اِنْ يَكُ به آيو آهي.

(19) يَهِدِّيْ :

صيغو واحد مذڪر غائب فعل مضارع معلوم ناقص يائي باب اِفْتِعَالٌ آهي. اصل ۾ يَهْتَدِيْ هيو. باب اِفْتِعَالٌ جي عين ڪلمي ۾ حرف "دال" اچڻ جي ڪري، تا کي دال سان تبديل ڪري ادغام ڪيو ويو ۽ فا ڪلمہ (ها) کي ڪسرو ڏنو ويو اهڙيءَ طرح يَهِدِّيْ ٿي ويو. هتي (فا) ڪلمي تي فتح به جائز آهي يعني يَهَدِّيْ به پڙهي سگهجي ٿو.

(20) يَخِصِّمُوْنَ :

صيغو جمع مذڪر غائب فعل مضارع معلوم صحيح باب اِفْتِعَالٌ. اصل ۾ يَخْتَصِمُوْنَ هيو. عين ڪلمي جي جاءِ تي حرف صاد واقع ٿيو ته يَهِدِّيْ وانگر هتي به ساڳي تعليل ٿيندي.

(21) نَبْغِ :

اصل ۾ نَبْغِيْ آهي. جئين نَرْمِيْ، صيغو جمع متڪلم فعل مضارع معلوم ناقص يائي باب ضَرَبَ يَضْرِبُ. حالت وقف ۾ ناقص جي آخر مان حرف علت کي حذف ڪرڻ جائز آهي. انجي لاءِ هتي به يا کي حذف ڪيو ويو آهي.

(22) حُجُرَاتٌ :

حُجْرَةٌ جي جمع آهي. واحد ۾ عين ڪلمو (ج) ساڪن آهي جڏهن ته جمع ۾

انهيءَ کي ضمو ڏنو ويو آهي. چو تہ هي قاعدو آهي تہ فُعُلٌ ۽ فُعُلَةٌ جي جمع جڏهن الف ۽ تا سان گڏ اچي تہ عين ڪلمي کي ضمو ڏيندا آهن. لهٰذا جيم کي ضمو ڏنو ويو ۽ البتہ انهيءَ کي فتح ڏيڻ بہ جائز آهي ۽ جيڪڏهن فَعْلٌ يا فَعْلَةٌ (فتح سان) هجي تہ عين ڪلمي کي ڪسرو ڏيندا آهن ۽ بعض اوقات فتح بہ ڏيندا آهن جئين تَمْرَةٌ هجي جمع عين ڪلمي جي فتح سان گڏ "تَمَرَاتٌ" ايندي آهي.

(23) يَكُوْنَ :

يَكُوْنَ صيغو جمع مذڪر غائب فعل مضارع معلوم لفيف مفروق از باب فَعَلَ يَفْعِلُ ضَرَبَ يَضْرِبُ هي صيغو اصل ۾ يَوْكِيُوْنَ هيو. پهرين واو واقع ٿي يا مفتوح ۽ ڪسره لازمي جي وچ ۾ يَعِدُ تَعِدُ واري قانون سان واو کي ڪيرايو ويو تہ يَكِيُوْنَ ٿي پيو پوءِ يَدْعُوْ تَدْعُوْ واري قانون سان يا جو ضمو نقل ڪري ماقبل ۾ ڪاف کي ڏنائون پوءِ يُوْسَرُ واري قانون سان يا کي واو سان بدلايائون پوءِ التقاءِ ساڪنين جي ڪري هڪ واو کي ڪيري ڇڏيائون تہ يَكُوْنَ ٿي پيو.

(24) اَصْطَفٰى

صيغو واحد مذڪر غائب فعل ماضي معلوم ناقص واوي از باب اِفْتِعَالٌ اصل ۾ اِصْتَفَوَ هيو آخر ۾ يُدْعَيَانِ، تُدْعَيَانِ واري قانون سان "واو" کي "يا" سان بدلايائون پوءِ قَالَ واري قانون سان "يا" کي "الف" سان بدلايائون پوءِ صاد،ضاد،طا،ظا واري قانون سان "تا" کي "طا" سان بدلايائون تہ اِصْطَفٰي ٿي پيو، پوءِ جڏهن ان تي همزو استفهام جو داخل ٿيو تہ همزو وصلي وچ ڪلام ۾ ڪري پيو تہ اَاِصْطَفٰى مان اَصْطَفٰى ٿي پيو.

(25) ضَرَبَ :

صيغو واحد مذڪر غائب فعل ماضي معلوم رباعي مجرد مهموزالام از باب

فَعُلَلَةٌ اصل ۾ ضَرَئَبَ هيو. قابل حرڪت واري قانون سان همزه جي حرڪت نقل ڪري ماقبل کي ڏئي همزي کي ڪيرايو ويو تہ ضَرَبَ ٿي پيو.

(26) يُوْسُفِ :

اصل ۾ يَايُوْسُفُ هيو. "فا" کي حذف ڪيائون تَخْفِيْفاً. فِ صيغو واحد مذڪر فعل امر حاضر معلوم از باب وَفٰى، يَفِيْ لفيف مفروق. انکي جڏهن يَايُوْسُفُ سان ملايائون تہ يَايُوْسُفِ ٿيو معنيٰ اي يُوْسُف وفا ڪر.

(27) لَمَرَ :

صيغو واحد متڪلم فعل جحد معلوم ثلاثي مجرد مهموزالعين ۽ ناقص يائي از باب فَعَلَ يَفْعِلُ. اصل ۾ لَمْ اَرْئَيُ هيو. "يا" کي قَالَ واري قانون سان الف سان بدلايائون پوءِ لَمْ جازمہ جي ڪري آخر مان حرف علت "الف" ڪري پيو تہ لَمْ اَرْءَ ٿي پيو. انکانپوءِ قابل حرڪت واري قانون سان ٻنهين همزن جي حرڪت نقل ڪري ماقبل کي ڏنائون ۽ ٻنهين همزن کي ڪيريائون تہ لَمَرَ ٿي پيو.

(28) اِنَّ :

صيغو جمع مونث غائب فعل ماضي معلوم مهموزالفاء ۽ اجوف يائي هن جي صرف صغير اَنَ يَئِيْنُ اَيْناً...الخ ۽ صرف ڪبير فعل ماضي معلوم اَنَا،اَنُوْا، اَنَتْ،اَنَتَا،اِنَّ...الخ ايندي آهي. اصل ۾ اِئْنَ هيو پوءِ ٻہ اکر هڪ جنس جا گڏ ٿيا، پهرين کي ٻئين ۾ ادغام ڪيائون تہ اِنَّ ٿي پيو.

(29) لَا :

صيغو واحد مذڪر فعل امر حاضر معلوم ثلاثي مجرد لفيف مقرون از باب فَعِلَ يَفْعَلُ اصل ۾ اِلْوَ هيو. واو متحرڪ ماقبل ۾ حرف صحيح ساڪن هيو، لِهٰذا "واو" جي

حرڪت نقل ڪري ماقبل "لامر" کي ڏنائون ۽ "واو" کي "الف" سان بدلايائون پوءِ اِلَا ٿي پيو پوءِ همزي اصلي جو مابعد متحرڪ ٿيڻ جي ڪري پيو تہ لَا ٿي پيو.

(30) يُهْرِيْقُ :

صيغو واحد مذڪر غائب فعل مضارع معلوم اجوف واوي از باب اِفْعَالٌ. هي صيغو اصل ۾ يُرِيْقُ هيو، "ها" کي خلاف قانون جي وڌايائون جيئن اَسْطَاعَ اصل ۾ اَطَاعَ هيو. "سين" کي خلاف قانون جي وڌايائون.

(31) كَافِيَةٌ :

هن جي "تا" مبالغي جي آهي نہ تانيث جي. معنيٰ ٿيندي گهڻي ڪفايت ڪندڙ.

(32) غَيِّرِ :

صيغو واحد مذڪر حاضر فعل امر حاضر معلوم رباعي مجرد لفيف مقرون از باب فَعْلَلَةٌ اصل ۾ تُغَيِّرِيُ هيو. "يا" تي ضمو ڳرو ٿيو. يدعو تدعو واري قانون سان انکي ڪيرايو ويو.

(33) مِتْنَا :

صيغو جمع متڪلم فعل ماضي معلوم جيئن خِفْنَا. هتي هي اشڪال آهي تہ قرآن پاڪ هن جو مضارع مضموم العين استعمال ٿيو آهي. جيئن يَمُوْتُ ۽ يَمُوْتُوْنَ لِهٰذا هي باب نَصَرَ يَنْصُرُ مان مُتْنَا اچڻ گهرجي ها.

❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁
❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁
❁❁❁❁❁❁❁❁